1. رياض حسين ڪلهوڙو[1]
2. در محمد عرف صبغت الله سومرو[2]

# سنڌي ادب ۾ مقدمہ نگاريءَ جي ارتقا: تحقيقي اڀياس
# Evolution of preface writing in Sindhi Literature

**_Abstract:_**
*Nowadays, proligamina is read and understood as Sindhi literature. Before that, we knew a little about it. However, proligamina now has a literal meaning. Many learned men have tried to demonstrate in different aspects. A few scholars have made this subject a very complicated one. On the other hand,it is elaborated in detail. Some different concepts about proligamina are discussed by different writers, which will be beneficial to understand its concepts. The word "proligamina" has been derived from an Arabic word which means "one who leads". Proligamina is actually an introduction in which the author is described. It is written in descriptive or prose form, depending on whether the book gives a poetic diction. Basically, proligamina is a critical piece of writing, but it cannot be restricted in its descriptive aspects. because most of the proligamina in writing are in the form of research. Proligamina is a basic and foremost prose form in which the author's self-assessment and the subject of the book are critically expressed. The subject and concept are clearly defined in the book. Composition and its detailed knowledge are its important parts.*

لفظ مقدمي لاءِ دائره معارف اسلاميہ ۾ مقدمي جي تشريح هن طرح ٿيل آهي.

”مقدم: (ع) ”سامنے رکھا ہوا“: اگر یہ لفظ اشخاص کے لیے استعمال ہو تو اس کے معنی سردار کے ہوتے ہیں، یعنی قائد، مثلاً سدتہء فوج کا سالار یا جہاز کا کپتان Dozi, Supple، بذیل مادہ، چند پولیس کے عہدیداروں کا ذکر کرتا ہے جنھیں مقدم کہتے تھے)۔ درویشوں کے سلسلوں میں شیخِ سلسلہ یا شیخ، خانقاہ کو مقدم کہتے ہیں۔(1)

موجوده دور ۾ مقدمو سنڌي ادب جي تاريخ جي هڪ صنف طور سمجهيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. انهيءَ کان اڳ ۾ مقدمي بابت اسان کي مبهم معلومات ملي ٿي. پر موجوده دور ۾ مقدمي کي هڪ ادبي صنف طور ظهور پذير ٿيو آهي. مقدمي جي اهميت ۽ افاديت جي بنياد

---

[1]. ليڪچرار، آءِ. بي. اي پبلڪ اسڪول، لاڙڪاڻو.

[2]. اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج، نئون ديرو.

تي مختلف عالمن ان کي مختلف نمونن سان سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سمجهائڻ جي حوالي سان ڪن عالمن ان کي رهندو بہ منجهايو آهي، پر ڪن عالمن وري ان کي کولي نروار ڪيو آهي ۽ نهايت سهڻي انداز ۾ مقدمي جو تصور بيان ڪيو آهي. مقدمي نگاريءَ کي سمجهڻ لاءِ هيٺ عالمن جا ڪجهه رايا پيش ڪجن ٿا. جيڪي مقدمي نگاريءَ کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. پروفيسر انور جمال اردو ٻوليءَ جو مشهور عالم آهي. هو مقدمي جي وصف هن طرح رقم ڪري ٿو:

”یہ نثر کی اصطلاح ہے، اسے صنفِ نثر کہنا چاہیے۔ اس سے مراد ابتدائیہ، دیباچہ یا تقریظ ہے۔ کسی تصنیف یا تالیف اور اس کے مصنف و مؤلف کے تعارف کے طور پر کتاب کے شروع جو ابتدائی تحریر ہوتی ہے، اسے مقدمہ کہتے ہیں۔ مقدمہ صاحبِ کتاب خود بھی لکھ سکتا ہے اور بعض اوقات اس علم کے ماہر سے لکھوا کر کتاب کیا جاتا ہے۔ مقدمے کی روایت اتنی ہی پرانی ہے جتنی کتاب نویسی کی۔ ایک اعتبار سے مقدمہ، توصیفی و تعارفی تنقید ہوتی ہے اور اس کا مطلب یہ ہوتا ہے کہ قاری اصل کتاب پڑھنے سے پہلے کتاب کے Objective اور Contents سے متعارف ہو جائے۔ عملی دنیا میں دو مقدمے بڑی شہرت کے حامل ہیں۔ مقدمہء ابنِ خلدون اور مقدمہء شعر و شاعری (حالی)۔ یہ دونوں مقدمے الگ کتابوں کی حیثیت اختیار کر چکے ہیں“۔(2)

مٿي بيان ڪيل وصفن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ مقدمہ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو ڌاتو ”قدم“ آهي، قدم جي معنيٰ ”هُو اڳيان ويو“ قدم مان وڌي ٿيو ”مقدم“ جنهن جي معنيٰ آهي ”اڳ ڪيل، اڳيون، پيشوا، اڳيان، اڳ ۾، مهندان“ مقدم مان ”مقدمہ“ لفظ جڙيو جنهن کي فيروز لغات ۾ هيٺين ريت بيان ڪيو ويو آهي.

”مقدمہ، (ع) (1) آگے جانے والا، (2) پیش کرنے والا، (3) وہ تھوڑی سی سپاہ جو لشکر کے آگے آگے چلے، (4) دیباچہ وہ مختصر سا مطلب جو کتاب یا کسی بیان کے شروع میں اس لیے بیان کیا جائے تاکہ آسانی سے سمجھ میں آ سکے، اور اس کی غرض و غایت معلوم ہو۔ (5) ہی ایک امر کا شروع، واردات“۔(3)

عربي ٻوليءَ جي لفظ ”مقدمي“ جي معنيٰ آهي اڳيان هلڻ وارو يا اڳيان اچڻ وارو. مقدمو هڪ قسم جو تعارف هوندو آهي، جنهن ۾ مصنف ۽ ان جي تصنيف کي واضع ڪيو ويندو آهي. مقدمو نثر ۾ ئي لکيو ويندو آهي، ڀلي ئي ڪتاب نظم وارو ڇو نہ هجي. مقدمو بنيادي طور هڪ تنقيدي تحرير آهي، پر مقدمي کي تنقيد جي مُروج مفهوم تائين محدود نہ ٿو ڪري سگهجي. ڇو تہ اڪثر مقدمي ۾ سوانح ۽ طرز تحقيق تحرير شامل هوندي آهي. ”جامع سنڌي لغات“ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ”مقدمي“ جي باري ۾ لکيو آهي تہ:

”مقدمو جمع مقدما ذ. (عمقدمہ َ ۔ < قدم) ڪنهن ڪتاب يا مضمون جي شروعات، آغاز، ابتدا، تمهيد، ديباجو، سرنامو عبارت. ڪتاب شروع ڪرڻ کان اڳ لکيل ڪجهه عبارت. دانهن، ڪوڪ، فرياد، ڪيس، دعويٰ، معاملو“.(4)

مقدمو ڪتاب جو اهو شروعاتي مفصل نثري حصو آهي، جنهن ۾ ڪتاب ۽ ڪتاب جي موضوع ۽ مصنف جي باري ۾ مقدمہ نگار جي تحقيقي ۽ تنقيدي انداز سان راءِ قائم ڪيل هجي. مقدمي ۾ دلڪش نموني واضع ٿي پوندو آهي ته ڪتاب ۾ ڪهڙو مواد ۽ ڪهڙي نوعيت جو مواد شامل آهي. سليقو ۽ تفصيل مقدمي جا اهم جز آهن. اردو ادب جي ناليواري محقق، پروفيسر ڊاڪٽر محمد خان اشرف ”اصطلاحات تدوين متن“ ۾ لکيو آهي ته:

”عموماً مدونی مقدمہ میں جن امور کا ذکر کرتے ہیں ان میں متن کی مختلف روایتوں کا ذکر، زیر تدوین متن کے لیے ماخذ نسخوں کی تفصیل، اان کے ملنے / بر آمد کا مقام، زمانہ ء تصنیف، تمام معروضی امور کا بیان یعنی رسم الخط، مسطر، کتابت، املا وغیرہ کا تفصیلی بیان، تمام مخطوطوں کا تعارف، کاتبوں اور تر قیہ ؤں کی تفصیل، مصنف سے منسوب دوسری کتابیں، مصنف اور متن کا مقام و مرتبہ وغیرہ پھر مدون کو جن مراحل سے گزرنا پڑا، اس نے جو طریقہ استعمال کیا، اس کے ، ہء ۔ ففات اور علامتوں کی فہرست، اس کے متن کی تدوین کا طریقہ کار، ضمیمہ جات اور تعلیقات کا بیان سبھی شامل ہیں۔ اس کے علاوہ متن کے عہد، لوگ، تاریخ، زمانہ، اور عہد کے حالات وغیرہ بھی شامل کر دیے جاتے ہیں۔

ڪتاب جي متن يا مواد کان پهريان ڏنل تعارفي ۽ وضاحتي مضمون يا تحرير، جنهن ۾ تدوين ڪيل متن يا مواد جي باري ۾ ضروري ڄاڻ ڏني وڃي، مصنف جو تعارف، مصنف جون ٻيون تصنيفون، مواد جي نسخن جو تعارف، ملڻ جو هنڌ، زمانو، رسم الخط، ڪتابت، ڪاتب، ٻيا ماخذ وغيره مقدمي جو حصو هوندا آهن. ان مان ٻي گهڻي معلومات حاشين، تعليقات ۽ ضميمن ۾ به ڏئي سگهجي ٿي. مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه (هند) جي فارسي شعبي جي صدر، پروفيسر نذير احمد پنهنجي ڪتاب ”تصحيح و تحقيق متن“ ۾ لکيو آهي ته:

”مقدمے میں کتاب کا مفصل تعارف ضروری ہے، لیکن اگر کہیں اس پر بحث ہو چکی ہے تو اس کا خلاصہ یہاں درج کرنا چاہیے۔ کتاب کی خوبیوں کے ساتھ اس کے کم زور پہلوؤں کی نشاندہی بھی ضروری ہے۔ ہء ۔ طوطے یا مطلوبہ کتاب کی غلطیاں اکثر کاتب کی، یا چھاپے کی بھی ہوتی ہیں۔ محقق متن کا فریضہ ہے کہ وہ کتابت یا چھاپے اور مصنف کی غلطیوں کے درمیان تمیز کرے۔ اس سلسلے کی مفصل بحث محقق متن کی صلاحیت کے ضمن میں آچکی ہے۔(4)

مقدمو ڪنهن تصنيف جو تفصيلي تعارف هوندو آهي.مقدمي جو لفظ ڪتاب جي جملي پاسن جي نشاندهي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اهو ڪتاب جي اصل متن کان اڳ ڪتاب جي باري ۾ اختصار طور ڪجهه معلومات فراهم ڪندو آهي، جنهن جو مقصد، موضوع کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ هوندو آهي.

## مقدمي جي اهميت

مقدمو عربي ٻوليءَ جو هڪ قديم اصطلاح آهي، جنهن جو تعلق "مقدمہ الجيش" سان آهي. عربيءَ ۾ "جيش" لشڪر کي چوندا آهن. جڏهن بادشاهي لشڪر هلندو هو ته لشڪر کان پهرين هڪ فوجي جٿو هوندو هو. جيڪو پويان ايندڙ سموري فوج کي رستو ڏيکاريندو هو. حالات، موسم ۽ کاڌ خوراڪ کان علاوه فوج جي ڏاڍي لاءِ جوڳي جڳهه جو انتظام به ڪندو هو. فوج کان اڳتي هلڻ واري اهڙي جٿي کي "مقدمہ الجيش" چوندا آهن. ساڳئي نسبت سان "مقدمي" جي لفظ وجود ماڻيو. مقدمو ڪتاب جي مواد کان اڳ ايندو آهي. پهرين تاليف، تدوين يا تحقيق ڪري، پورو ڪتاب لکيو ويندو آهي، آخر ۾ ڪتاب تي مقدمو لکبو آهي، پر ڪتاب جي ترتيب ۾ مقدمو پهرين ايندو آهي ۽ بعد ۾ ڪتاب جو مواد...!

دراصل مقدمو هڪ اهڙي تحرير آهي، جنهن ۾ لکڻ وارو سولائي سان اعليٰ درجي واري تنقيد نه ٿو ڪري سگهي. خاص ڪري ان وقت هيءَ دقت ٿيندي آهي، جڏهن ڪو دوست يا ويجهو اديب پنهنجي ڪتاب جو مقدمو لکڻ لاءِ چوندو آهي. ليڪڪ کي ڪنهن ٻي جي تصنيف تي مقدمو لکڻ ڏکيو پئجي ويندو آهي. خاص ڪري اسان جي معاشري ۾ جتي "خطائي بزرگان گرفتن خطا است" کي اخلاق جو معيار سمجهو وڃي، اتي ديانتداري سان مقدمو لکڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. اهڙي نوعيت ۾ مقدمو پاڻ چوندو آهي ته "مان آيو ناهيان پر آندو ويو آهيان".

روزمره جي مشاهدن کان مدد وٺجي ته، ڪاروباري مرڪزن يا بازارن مان سيني جو گذر ٿيندو آهي، بازار ۾ موجود سيني دوڪانن کي هڪ الڳ ۽ نرالي ڏِک، جيڪا سونهن ۽ سجاوٽ سان منفرد لڳندي آهي. دڪانن جو اڳيون حصو (سامهون وارو) ڏاڍو سليقي ۽ دلفريب نموني سان سينگاريل هوندو آهي. اها دلفريبي ۽ دلڪشي ماڻهن جو توجہ پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. ساڳيو حال ڪتاب ۾ مقدمي جو هوندو آهي. مقدمو پڙهندڙ کي موهيندڙ انداز سان ٻڌائيندو آهي ته، ڪتاب ۾ڇا آهي؟ ڪهڙو ۽ ڪيترو مواد ڪتاب جي زينت بڻيل آهي؟ مقدمي لاءِ سنڌي ادب جي برک ڏاهي مختيار احمد ملاح لکيو آهي ته:

"ادبي دنيا ۾ مقدمي جو مقصد آهي ڪنهن به ڪتاب تي دليلن، حوالن ۽ ذاتي تجربي آهر ڀرپور نموني راءِ ڏيڻ. ڪنهن تصنيف يا ترتيب ڏنل ڪتاب تي مصنف، مرتب يا ٻيو ڏاهو يا ڄاڻو اديب مقدمو لکندو آهي. مقدمو مهاڳ کان وڌيڪ تحقيقي ۽ اثرائتو هوندو آهي". (5)

مقدمي جي حيثيت ڪنهن مستقل ادبي صنف جي نه آهي ۽ نه ئي ڪنهن ٻوليءَ جي ادب ۾ ان کي ڪا باقائده ادبي شاخ سمجهيو ويو آهي. ڪنهن به ڪتاب جي مهڙ ۾، متن کان اڳ، مقدمو پيش لفظ، تقريظ، ديباچو ۽ ٻه اکر وغيره لکيا ويندا آهن. جيڪي ڪتاب ۽ ڪتاب جي مصنف، مولف يا محقق جي باري ۾ معلومات مهيا ڪندا آهن. مقدمو مصنف، مولف يا

محقق خود بہ لکندو آهي تہ. ڪڏهن ڪڏهن ٻين کان بہ لکايو ويندو آهي. عربي ادب جي مشهور ڪتاب "تاريخ ابن خلدون" جي پهرين جلد جو نالو مقدمہ رکيو ويو آهي. جيڪو اڄ تائين "مقدمہ ابن خلدون" جي نالي سان مشهور آهي. تاريخي موضوع تي مشتمل هن ڪتاب جي پهرين جلد (مقدمہ) ۾ تاريخ نويسيءَ بابت ڳوڙهو اڀياس ڪيل آهي. ايستائين جو تاريخ ڇا آهي؟، تاريخ ڇو لکي ويندي آهي؟ ۽ تاريخ لکڻ جا ڪهڙا اصول آهن؟ وغيره تي بہ ڇڱو ڀلو بحث ٿيل آهي. اردو ادب جو نامور اديب ڊاڪٽر عبدالحميد خان عباسيءَ لکيو آهي تہ:

"علامہ ابنِ خلدون نے اپنی تاریخ کا جو مقدمہ لکھا ہے وہ تحقیق و تنقید دونوں کو ہم آہنگی و ہم رکابی کی انوکھی مثال ہے"۔(6)

ابن خلدون جي مقدمي مان محسوس ٿي رهيو آهي، تہ مقدمو ڪتاب جو اهو اهم حصو آهي، جنهن ۾ ڪتاب، ڪتاب جي مصنف ۽ ڪتاب جي موضوع تي روشني وڌي ويندي آهي. مقدمي ۾ مصنف جي شخصيت، علمي ۽ ادبي خدمتن سان گڏ ڪتاب جي موضوع، مقصد، متن ۽ ڪتاب ۾ موجود مواد جي حاصلات کي پڙهي تفصيل سان بيان ڪيو ويندو آهي.

مقدمہ نگار لاءِ لازمي آهي تہ، وٽس مقدمي لکڻ جو سليقو هجي ۽ مقدمو دلڪش ۽ پرڪشش پيرائي ۾ لکڻ گهرجي. مقدمي لکندڙ تي اهو بہ واجب آهي، تہ ڪتاب جو ڪهڙو حصو مقدمي ۾ نمايان ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙو مخفي رکڻ گهرجي. مقدمو اهڙو هجي جو پڙهندڙ کي ڪا بہ مايوسي نہ ٿئي، ويتر پڙهندڙ کي اتساهہ ملي، جيئن پورو ڪتاب پڙهڻ لاءِ سندس دل گهري. ائين ڪٿي چئجي تہ مقدمہ نگار هڪ راست نگار ٿي پوي يا راست نگار وارو ڪم ڪري. مقدمو ايترو تہ ٻُو اثر ۽ ٻُو علم هجي، جو ڪتاب کي پوريءَ طرح پڙهڻ لاءِ دل بي چين ۽ بيتاب ٿي پوي. فن، هنر، ڪاريگري، ڏانءَ ۽ ڏاهپ سان، مقدمہ نگار ڪتاب لاءِ تائيدي ۽ تعريفي راءِ قائم ڪري سگهي. اردو ادب جي نامور اديب ارم سليم لکيو آهي تہ:

"مقدمہ نگاری کے لیے یہ ضروری ہو جاتا تھا کہ وہ اس گمنام مصنف کے سوانحی کوائف پر روشنی ڈالے۔ کتاب اور اس کے متن کے بارے میں حقِ تحقیق ادا کرے اور بہ حیثیتِ مجموعی اس کی ادبی اہمیت اور تنقیدی قدر و قیمت کا تعین کرے"۔(7)

مقدمہ نگاريءَ جو بنيادي مقصد ڪنهن ادبي شخصيت يا ڪنهن خاص موضوع تي ٿيل ڪم کي متعارف ڪرائڻ ۽ ڪنهن گمنام مصنف يا ڪتاب جي رونمائي ڪرڻ آهي.

### 1. مقدمو

ڪتاب جي شروع ۾ لکيل اهڙي تحرير کي مقدمو چيو ويندو آهي، جنهن ۾ تحقيقي ۽ تنقيدي نوعيت جو بحث ڪيو وڃي، ڪنهن مخصوص نڪتي جي تائيد يا ترديد ڪئي وڃي،

ادبي نصب العين جي وضاحت ڪئي ويجي، گمنام مصنف يا ڪتاب تي روشني وڌي ويجي يا اهڙي نوعيت جو بيو تحقيقي مواد فراهم ڪيو ويجي، جنهن ۾ ڪنهن قديم يا جديد مصنف جي اهميت جا گر ڏيندي هجي. مقدمي جا ٻه مکيه پهلو ٿين ٿا. هڪڙو خارجي ۽ بيو داخلي...!

## خارجي پهلو:

مقدمو طوالت جو محتاج نہ آهي. مقدما هڪ صفحي جا ٻه ٿيندا آهن. تہ ڪي مقدما وري سوين صفحن جي جڳهہ ٻہ والاريندا آهن. ايستائين جو ڪيترن ئي مقدمن تہ الڳ ڪتابن جي حيثيت ٻہ حاصل ڪئي آهي. جهڙوڪ مقدمہ ابن خلدون، مقدمہ شعر وشاعري، مقدمہ لطيفي وغيره

## داخلي پهلو:

مقدمي جو پنهنجو مزاج ٿيندو آهي، پنهنجو سواد ٿيندو آهي. تحرير جو مقصد مقدمي کي مقدمي جو درجو رسائي ٿو. جڏهن ڪتاب جي موضوع يا ڪتاب جي ليکڪ کي حوالن جي بنياد تي داد ڏنو ويجي ۽ مواد کي تنقيد جي ڪسوٽي تي پرکيو ويجي. هن وقت اهو سوال ڪُمهلو نہ ٿيندو تہ مقدمي جو تحقيق ۽ تنقيد سان ڇا ويجي؟ دراصل مقدمو تحقيق جي خاندان سان تعلق رکي ٿو. جڏهن تہ تحقيق ۽ تنقيد کي هڪ ئي سکي جا ٻہ پاسا سمجهيو ويندو آهي. مقدمو مصنف لکي يا ڪو بيو محقق ۽ نقاد، پرمقدمي جو بنياد تحقيق ۽ تنقيد ئي رهندو. جيڪڏهن مقدمي ۾ لاڳاپيل موضوع جي نظرين، اصولن، قائدن، قانون تي بحث ڪيو ويندو تہ مقدمي ۾ نکار پيدا ٿيندو، پر جيڪڏهن فقط صاحب ڪتاب ۽ ڪتاب جي موضوع تي لکيو ويو آهي ۽ اها لکت فقط تعريفي ۽ توصيفي بنياد تي آهي، تڏهن ٻہ اهڙي تحرير کي مقدمي جي زمري ۾ آندو ويندو.

## مقدمي جا ضروري عنصر:

### 1. مصنف جو تعارف

مصنف جي تعارف ۾ ڪتاب لکندڙ جو مکمل خاڪو سندس مهارت ۽ تصنيفن جو وچور ڏنو ويندو آهي. مصنف جي نفسياتي ۽ هيجاني ڪيفيتن سان گڏ، ڇپيل ۽ اڻڇپيل تخليقن، مليل تعارفي سندن ۽ تمغن جو ذڪر پڻ ڪيو ويندو آهي.

### 2. ڪتاب جو تعارف

ڪتاب جي تعارف ۾ علمي، ادبي ۽ تاريخي پس منظر، مواد جي حاصلات جا ذريعا، شامل موضوعن جو تعارف، افاديت، فطرت، نفسيات، رسم الخط، ضخامت ۽ قلمي نسخن جي صورت ۾ سٽن جو تعداد، ڪاتب جي مهر، نيپويا هٿ اکر بابت وضاحتون ڏنيون وينديون آهن. ايستائين جو ڪتاب جي ڇاپن بابت پڻ تفصيلي راءِ ڏني ويندي آهي.

## 3. تحقيقي، تنقيدي ۽ توصيفي راءِ

مقدمي ۾ ڪتاب تي راءِ جو قائم ڪرڻ مقدمہ نگار تي واجب ٿي پوندو آهي. راءِ سان ڪتاب بابت جڻ تہ پڙهندڙ کي هڪ سڌي راهہ ملندي آهي، ڇو تہ مقدمي ۾ جيڪا مقدمہ نگار ڏيندو آهي اها تحقيقي، تنقيدي ۽ توصيفي بنيادن تي هوندي آهي.

مقدمو اهڙي تحرير آهي جيڪا ڪتاب ۽ صاحب ڪتاب جي باري ۾ لکي وڃي. ڪتاب جي مواد کان پهريون لکي ويندڙ هيءَ تحرير مزاجن ۾ تحقيقي، تنقيدي ۽ توصيفي يا تاثراتي ٿي سگهي ٿي. جڏهن تہ مقدمي جي طويل هجڻ جي ڪا بہ پابندي نہ آهي، پر مقدمو مٿي ڏنل ضروري عنصرن جو پورائو ڪندو، تہ مهاڳ، ديباچي، پيش، تمهيد ۽ تقريظ کان تفصيلي سمجهہ ۾ ايندو. پروفيسر سيد معين الرحمان لکيو آهي تہ:

"ایسی عبارتوں کو پیش لفظ یا دیباچہ وغیرہ بھی کہا اور لکھا گیا مقدمہ ا . سدبہ ی ا قدیم لفظ ہے، جس سے دھیان طوالت اور جامعیت کی طرف جاتا ہے اور اسی میں اس کی شناخت مضمر ہے، گویا دوسرے لفظوں میں شرح و بسط پر اس کی پہچان منحصر ہے۔(8)

## مقدمي جا قسم

مختلف ٻولين جي مقدمہ نگارن جيڪي مقدمہ لکيا آهن، تن کي پڙهڻ کان پوءِ ايتري راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ مقدمہ مختلف ٿين ٿا. فن ۽ فڪر جي حوالي سان بہ مقدمن ۾ فرق آهي. لکڻ جو انداز، موضوعن جي ورهاست، مواد جي ڇنڊڇاڻ وغيره پڻ مختلف ٿين ٿا.

## تحقيقي مقدما

روايتن جي ڇنڊڇاڻ جي علم کي تحقيق سڏجي ٿو. ڪنهن مسئلي جي پروسي جوڳي حل ۽ صحيح نتيجن تائين پهچڻ لاءِ تحقيق اهو منظم عمل آهي، جنهن ۾ حقيقتن جي ڳولا ۽ انهن جي ڇنڊ ڇاڻ جو تفصيل وار بيان لکل هوندو آهي. تحقيق جي زمري ۾ ايندڙ مقدما پڻ ڪتاب ۾ موجود مواد جي پرک ڪندا آهن. اهڙن مقدمن ۾ تائيد ۽ ترديدي راءِ پڻ ڏنل هوندي آهي. تحقيقي مقدمہ بنيادي طور صاحب ڪتاب جي زندگي ۽ شخصيت جي باري ۾ معلومات فراهم ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو پراڻو ڪتاب يا ڪو قلمي نسخو هوندو آهي تہ ان جي متن کي پڻ تحقيقي مقدمن ۾ واضع ڪيو ويندو آهي.

## تنقيدي مقدما

تنقيد عربي ٻوليءَ جي لفظ "نقد" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ملهہ". ادب جي ملهہ ڪڇڻ لاءِ ڪيل پرک کي ادبي تنقيد چئجي ٿو. تنقيدي مقدمن ۾ پڻ ڪتاب ۾ موجود مواد جي ڪٿماپ ڪئي ويندي آهي. مواد کي ادبي ڪسوٽي ذريعي پرکيو ويندو آهي. آل احمد سرور لکيو آهي تہ:

*"تنقید کا کام گلستان میں کانٹوں کی تلاش نہیں ہے۔ اس کا مقصد روایات کا احساس، تجربات کی پرکھ اور قدروں کا تعین ہے"۔(9)*

## توصيفي مقدما

توصيف عربي ٻوليءَ جي لفظ "وصف" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "واکاڻ". ڪنهن جي ڪم جي تعريف ڪرڻ سندس حوصلن کي بلند ڪرڻ برابر هوندو آهي. جيڪڏهن تخليقار جي تخليقن تي تاثراتي راءِ ڏبي ته سندس لکڻ جي خواهش وڌندي ۽ وري وري لکڻ سان سندس لکڻين ۾ سواد ۽ ذائقو پيدا ٿيندو. مقدمو ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ کان توصيفي يا تاثراتي هوندو آهي. ڇو ته مقدمي ۾ تائيدي يا ترديدي راءِ جو اظهار هجڻ سان گڏ تخليقڪار جي وسعت کي به بيان ڪيو ويندو آهي. سندس لکڻيءَ جي فن ۽ فڪر تي به روشني وڌي ويندي آهي. پر جيڪڏهن مقدمي قطعي طور تحقيق ۽ تنقيد جي خصوصتين کان عاري هجي ۽ مقدمه نگار بنا ڪنهن خاص سبب جي مصنف جي تعريف ڪندو هجي ته اهڙي تحرير کي مقدمو نه، پر تقريظ چئي سگهبو. اهڙن مقدمن لاءِ رشيد حسن خان لکيو آهي ته:

*آج کل مقدمہ نگاری کا کاروبار اچھا خاصہ چل رہا ہے۔ مقدمہ نگاری کی یہ وبا عام طور پر گروہ بندی کے دائرے میں پھوٹتی ہے۔ اس طرح ادبی طوائف الملوکی کا دائرہ وسیع ہوتا رہتا ہے، جس کے نتیجے میں تنقید اور شعر و ادب دونوں کو روزِ بد سے قریب ہونا پڑتا ہے"۔(10)*

ڪتاب ۾ مقدمي جي اهميت، ان جو فن ۽ فڪر آهي. ڪنهن به ڪتاب لاءِ شروعات ۾ لکيل مهاڳ ۽ مقدمو ان ڪتاب جو مجموعي تعارف هوندو آهي، جنهن جي مطالعي سان ڪتاب اندر پيش ڪيل مواد جي پروڙ پئجي ويندي آهي. مقدمو ڪتاب جي مضمون ۾ لڪيل گوشن کي کولي ۽ ور وڪڙن کي سلجهائي، پڙهندڙن جي آڏو سولو ۽ مختصر لفظن ۾ پيش ڪيو ويندو آهي.

سنڌي ادب جي باقائده شروعات انگريزن جي دور کان ٿي آهي، ان ڪري سنڌي ادب تي انگريزي ادب جو گهرو اثر پيو. پر مقدما نگاري جي حوالي سان يونان، عرب ۽ فارس وڌيڪ مقبول رهيا آهن، ان جو هڪ زنده مثال، عرب عمرانيات جي عالم ابن خلدون جو مقدمو آهي، جنهن جي هاڪ ۽ ڌاڪ ادبي دنيا ۾ اڄ تائين ساڳئي اوڄ ۽ عروج تي آهي. سنڌ ۾ سڀ کان پهرين مقدمي جو لفظ ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ ڪتب آندو ويو هو جيڪو "مقدمة الصلات" نالي هڪ ڪتاب جو ملي ٿو. هي ڪتاب سنڌ جي نامياري عالم مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ جو لکيل آهي. هي ڪتاب باقائده ڪنهن مقدمي جي زمري ۾ ته نه ٿو اچي، پر ڪتاب جي نالي ۾ "مقدمه" لفظ جو

ذڪر آهي، ان ڪري ان ڪتاب جو پڙ هتي ذڪر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هن ڪتاب جو پري پري تائين مقدمي ۽ مقدمه نگاري جي فن سان ڪو به واسطو وڙو نه آهي. شاهه لطيف جي شارح ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ "شاهه لطيف جي رسالي" تي هڪ عالماڻو مقدمو "مقدمه لطيفي" جي نالي سان لکيو جيڪو سنڌي ادب ۾ تمام گهڻي اهميت رکي ٿو پر جيڪڏهن ائين چئجي مقدمي جي فن تي پورو لهندڙ پهريون مقدمو "مقدمه لطيفي آهي، ته به وڌاءُ نه ٿيندو.

سنڌي ادب ۾ مقدمي جي باقائده شروعات ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ڪئي، ان کان پوءِ مختلف عالمن مقدما لکيا، جن ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، غلام حسين پنهوار، غلام محمد گرامي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر بدر ڌامراهو ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر سومرو، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، ڊاڪٽر مهر خادم، استاد لغاري، ڊاڪٽر احسان دانش ۽ ٻيا شامل آهن.

## حوالا:


1. مجلس انتظاميه، اردو دائره معارف اسلاميه (جلد 21)، لاهور: يونيورسٽي آف پنجاب، 1987ع، ص 438
2. جمال انور، پروفيسر، ادبي اصطلاحات، اسلام آباد: ناشنل بوڪ فائوڊيشن 2014ع، ص 168
3. صاحب، فيروزالدين، مولوي، الحاج، فيروز اللغات فارسي، لاهور: فيروز سنز لميٽيڊ، ص 434
4. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، نئين جامع سنڌي لغات (جلد ٽيون)، حيدرآباد: سنڌيءَ ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 2017ع، ص 1798
5. اشرف، محمد خان، ڊاڪٽر، اصطلاحات تدوين متن، لاهور: سنگ ميل پبليڪيشنز، 2011ع، ص 179
6. احمد، نذير، پروفيسر، *تصحيح وتحقيق متن*، ڪراچي: اداره يادگار غالب، 2000ع، ص 86
7. ملاح، مختيار احمد، *ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت*، حيدرآباد: لينگئيج اٿارٽي، 2015ع،ص328
8. عباسي، عبدالحميد خان، ڊاڪٽر، اصول تحقيق، اسلام آباد: نيشنل نوڪ فائونڊيشن، 2015ع، ص 107
9. سليم، ارم، اردو مين مقدمه نگاري کي روايت، لاهور: سنگ ميل پبليڪيشنز 1988ع، ص 50
10. ساڳيو ص 62
11. ناشاد، ارشد محمود، ڊاڪٽر، اصناف ادب: تفهيم و تعبير، اسلام آباد: نيشنل بوڪ فائونڊيشن، 2016ع، ص.130
12. سليم، ارم، اردو مين مقدمه نگاري کي روايت، لاهور: سنگ ميل پبليڪيشنز 1988ع، ص 60